روزاني
سنڌيار
سکر
ايڈيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد 02) خميس 05 آڪٽوبر 2023ع بمطابق 18 ربيع الاول 1445ھ (قيمت 05 روپيا) شمارو 129

عالمي بينڪ 50 هزار روپين کان گهٽ آمدني وارن تي بہ ٽيڪس لڳائڻ جو مشورو ڏئي ڇڏيو

پنج لک روپيہ ماهوار آمدني وارن تي 35 سيڪڙو شرح کان ٽيڪس لاڳو ڪيو ويندو : عالمي بئنڪ

وفاقي حڪومت انهن شعبن تي خرچ نہ ڪري جيڪي صوبن جي اختيار ۾ اچن ٿا

ستين قومي مالياتي ڪميشن جو ٻيهر جائزو وٺي وفاقي ۽ صوبائي اختيار ۾ فنانسنگ جو لائحہ عمل طئي ڪيو وڃي

دڪاندارن کي ٽيڪس نيٽ ۾ آندو وڃي ۽ ٽيڪس فري آمدني جي حد گهٽ ڪئي وڃي

پرسنل انڪم ٽيڪس جو اسٽرڪچر آسان بنايو وڃي، زرعي شعبي ۾ سادا 12 ايڪڙ زمينن جي مالڪن تي بہ ٽيڪس لڳايو وڃي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) عالمي بينڪ پاڪستان کي 50 هزار روپين ۽ ان کان گهٽ آمدني وارن تي بہ ٽيڪس لڳائڻ جو مشورو ڏئي ڇڏيو آهي. عالمي بينڪ پاڪستان کي مشورو ڏنو آهي ته هو ٽيڪس جو نظام آسان بڻائيو وڃي. عالمي بينڪ موجب پنج لک روپيہ ماهوار آمدني وارن تي 35 سيڪڙو شرح /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

اسلام آباد: صدر عارف علي رومين بزنس نيٽورڪ تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

فيصل واوڊا نواز شريف کي ملڪ واپس نہ اچڻ جو مشورو ڏئي ڇڏيو

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) آڪٽوبر وفاقي وزير فيصل واوڊا آڪٽوبر وزيراعظم نواز شريف کي ملڪ واپس نہ اچڻ جو مشورو ڏئي ڇڏيو آهي. نجي چينل سان گالهائيندي آڪٽوبر وفاقي وزير فيصل واوڊا چيو آهي ته (ن) ليگ جو سافٽ ويئر اپ ڊيٽ ٿي ويو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

سائفر ڪيس: سائنسدانن جي رائي ۾ ڪو ثبوت نہ آهي، عمران خان جي ضمانت جي درخواست تي فيصلو محفوظ

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) سائفر ڪيس ۾ سائنسدانن جي رائي ۾ ڪو ثبوت نہ آهي، عمران خان جي ضمانت جي درخواست تي فيصلو محفوظ. اڊيالا جيل ۾ ٽي آءِ چيئرمين عمران خان جي خلاف آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ ڪيس جي ٻڌڻي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

سائفر ڪيس: پي ٽي آءِ وڪيلن جي ٽرائل روڪڻ واري درخواست تي ٻڌڻي 9 آڪٽوبر تائين ملتوي

راولپنڈي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ جي تحت قائر ڪيل خصوصي عدالت ۾ پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان ۽ شاهہ محمود قريشي جي خلاف سائفر گمشدگي ڪيس جي ٻڌڻي اڊيالا جيل ۾ ٽي پي آءِ چيئرمين عمران خان جي خلاف آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ ڪيس جي ٻڌڻي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

نوازشريف انتقام ونڊڻ نہ، ملڪي ترقي لاءِ اڳتي رهيو آهي، عوام تاريخي استقبال ڪندو: شهباز شريف

نوازشريف ملڪ مان اونداهي ختم ڪئي، ملڪ کي لوڊشيڊنگ مان چوٽڪارو ڏياريو. نوازشريف 5 ارب ڊالرجي آڇ ٺڪرائي ايٽمي ڏماڪا ڪيا

نوازشريف جي دور ۾ ڪنڊ 52 روپيہ ڪلو ۽ مهانگائي نالي ڪابہ شيءَ نہ هئي، نوازشريف جو ڏوهہ اهو هو تہ هن ملڪ کي ايٽمي طاقت بنايو

2018 جي چونڊن ۾ تاريخي ڏانڊلي ڪئي وئي. ملڪ جي عوام کي تعليم، علاج ڪان محروم ڪيو ويو

نوازشريف هاڻ واپس اچي رهيو آهي. ترقي جو سفر جتي روڪيو ويو اتان کان شروع ٿيندو، نوازشريف ملڪ جي ترقي لاءِ ڏينهن رات هڪ ڪري ڇڏيندو

واعدو ڪريو 21 آڪٽوبر تي نوازشريف جو تاريخي استقبال ڪرڻو آهي، نوازشريف پارت کان پاڪستان کي اڳيان کٽي وڃڻ لاءِ واپس اچي رهيو آهي

جن ڪردارن نوازشريف خلاف ظلم ۽ زيادتي ڪئي ان جي باري ۾ سڀني کي خبر آهي. فيصلو ڪرڻو آهي تہ انتقام ونڊڻو آهي يا عوام جي خدمت ڪرڻي آهي : ڪارنر گڏجاڻي کي خطاب

لاهور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) (ن) جي صدر ۽ آڪٽوبر وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي تہ نوازشريف انتقام ونڊڻ نہ ملڪ جي ترقي لاءِ اچي رهيو آهي. نوازشريف ملڪ کي ٻيهر خوشحال ڪرڻ لاءِ اچي رهيو آهي، عوام سندس تاريخي استقبال ڪندو چونڊن جي حوالي سان ڪارنر گڏجاڻي کي خطاب ڪندي آڪٽوبر وزيراعظم شهباز شريف چيو تہ نوازشريف ملڪ مان اونداهي ختم ڪئي، ملڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

لاهور: آڪٽوبر وزيراعظم شهباز شريف چونڊن جي حوالي سان ڪارنر گڏجاڻي کي خطاب ڪندي

اسان کي ڪنهن جي گار جو جواب گار سان نہ ڏيڻ گهرجي: شرجيل ميمڻ

هاڻوڪي معاشي صورتحال ۾ عوام کي هاڪاري اميد ڏيڻ گهرجي

پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سڄي پاڪستان مان گندي ڪلچر ختم ڪيو آهي

اسان جي پاڪستان جو ڪلچر ادب ۽ احترام آهي، پاڪستان جي ثقافت نندي ۽ وڏي جي عزت ڪرڻ آهي

پشاور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پيپلز پارٽي جي آڳواڻ شرجيل انعام ميمڻ جيو آهي تہ اسان کي ڪنهن جي گار جو جواب گار سان نہ ڏيڻ گهرجي، اسان کي دليلن سان ان جي اصل حقيقت ٻڌائڻ گهرجي. هاڻوڪي معاشي صورتحال ۾ عوام کي هاڪاري اميد ڏيڻ گهرجي. ملڪ ۾ هاڪاري قيادت کي آڳتي اچڻ گهرجي. پشاور ۾ تقريب کي خطاب ڪندي شرجيل انعام ميمڻ جيو تہ پيپلز پارٽي جي چيئرمين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

پشاور: پيپلز پارٽي آڳواڻ شرجيل انعام ميمڻ تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

احتساب عدالت شاهد خاقان عباسي ۽ راجا پرويز اشرف کي طلب ڪري ورتو

بنهي آڳوٺن وزيراعظمن کي احتساب عدالت هڪ ۽ 3 نوٽيس جاري ڪيا

احتساب عدالت هڪ شاهد خاقان عباسي کي ايل اين جي ريفرنس ۾ 14 نومبر تي طلب ڪري ورتو

راجا پرويز اشرف کي 2018_2017 ۾ داخل ريفرنس ۾ 14 نومبر تي طلب ڪيو ويو

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) احتساب عدالت ۾ نيب ريفرنس تي احتجاج جو سلسلو جاري آهي جنهن ۾ آڳوٺي وزيراعظم شاهد خاقان عباسي ۽ راجا پرويز اشرف کي به طلب ڪرڻ جا نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا آهن بنهي آڳوٺن وزيراعظمن کي احتساب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

آڳوٺا وزيراعظم شاهد خاقان عباسي ۽ راجا پرويز اشرف

آرمي چيف جنرل عاصم منير ۽ آمريڪي دفاع واري وزير ويج ۾ ٽيليفون تي رابطو

جنرل عاصم منير سان آمريڪي دفاع واري وزير لائيڊ جي آستن فون تي گالهہ ٻولهہ ڪئي

آرمي چيف ۽ آمريڪي دفاع واري وزير ويج ۾ گڏيل مفادن وارن معاملن تي گالهيون ٿيون

راولپنڈي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) آرمي چيف جنرل عاصم منير ۽ آمريڪي دفاع واري وزير ويج ۾ ٽيليفون تي رابطو ٿيو آهي پينٽاگون جي پريس سيڪريٽري لائيڊ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

پيپلز پارٽي چونڊ پاور شو جون تياريون شروع ڪري ڇڏيون

پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو 18 آڪٽوبر تي ملڪ ۾ وڊيو لنڪ ذريعي خطاب ڪندو

ضلعي هيڊ ڪوارٽرز ۾ واقعن ۾ وڏيون اسڪرينون ۽ سائونڊ سسٽم لڳايو ويندو

لاهور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان پيپلز پارٽي چونڊ پاور شو جون تياريون شروع ڪري ڇڏيون آهن پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو 18 آڪٽوبر تي ملڪ ۾ وڊيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

وياج جي شرح ۾ هڪ سيڪڙو واڌ سان قرض 600 ارب روپيا وڌڻ جو انڪشاف

سينيٽر سليم مانڊوي والا جي صدارت هيٺ سينيٽ جي نانٽي بابت اسٽينڊنگ ڪميٽي جو اجلاس ٿيو

مرڪزي بئنڪ وٽ مهانگائي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ پاليسي ريٽ ڪانسواءِ ڪو ٻيو ٽول ناهي : ڊپٽي گورنر اسٽيٽ بئنڪ

سياسي شخصيتن لاءِ بئنڪ اڪائونٽس کولڻ ڏکيو ٿيندو پيو وڃي : سينيٽر ڪامل علي آغا

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) سينيٽ جي نانٽي بابت اسٽينڊنگ ڪميٽي جي اجلاس ۾ نانٽي واري وزارت انڪشاف ڪيو آهي تہ وياج جي شرح ۾ هڪ سيڪڙو واڌ سان قرض جو ڪل 600 ارب روپيا وڌي ويندو آهي. سينيٽر سليم مانڊوي والا جي صدارت هيٺ سينيٽ جي نانٽي بابت اسٽينڊنگ ڪميٽي جو اجلاس ٿيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

اسلام آباد: سينيٽر سليم مانڊوي والا جي صدارت هيٺ سينيٽ جي نانٽي بابت اسٽينڊنگ ڪميٽي جو اجلاس ٿي رهيو آهي

برگيڊيئر رٽائرڊ حارث نواز جي سينٽرل جيل ڪراچي پهتو، قيدين ۾ ڪمايل رقم ورهائڻ واري تقريب ۾ شرڪت

گهرو ۽ جيل ڪاتن جي نگران صوبائي وزير قيدين ۾ 20 لک رپين کان وڌيڪ رقم ورهائي

جيل جو ماحول تمام سٺو آهي، هتي اچي ڪيس خوشي ٿي آهي : حارث نواز

قيدين جي سڌاري لاءِ جيڪو ڪم ڪيو پيو وڃي اهو حيران ڪندڙ آهي

ڪراچي (رپورٽر) گهرو ۽ جيل ڪاتن جي نگران صوبائي وزير برگيڊيئر رٽائرڊ حارث نواز ڪراچي جي سينٽرل جيل ۽ قيدين پاران ڪمايل رقم ورهائڻ واري تقريب ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي قيدين ۾ 20 لک رپين کان وڌيڪ رقم ورهائي وئي. جيڪا آرٽس ڪائونسل ڪراچي ۾ منعقد ٿيل نمائش دوران قيدين جي فن پاري ۽ شين جي وڪرو ڪرڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

پي ٽي آءِ ۽ سياست ڇڏڻ جو اعلان، 9 مئي جو ڏمیوار عمران خان آهي: اسحاق ڈار

9 مئي حملن جو مقصد فوج تي ڏٻاءُ وجهي آرمي چيف جنرل عاصم منير کي عهدي تان هٽائڻ هو

پارٽي جي موجوده صورتحال جو ڏمیوار چيئرمين پاڻ آهي، 9 مئي واقعن جو منصوبو زمان پارڪ ۾ ٺاهيو ويو

پي ٽي آءِ چيئرمين جي گرفتاري جي صورت ۾ حساس ملڪيتن کي نشانو بڻائڻ جي هدايت ڪئي وئي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) تحريڪ انصاف آڳواڻ عثمان ڈار پي ٽي آءِ ۽ سياست ڇڏڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو. نجي ٽي وي چئن کي انٽرويو ۾ عثمان ڈار چيو تہ 9 مئي حملن جو مقصد فوج تي ڏٻاءُ وجهي آرمي چيف جنرل عاصم منير کي عهدي تان هٽائڻ هو. پارٽي جي موجوده صورتحال جو ڏمیوار چيئرمين پاڻ آهن، هن چيو تہ 9 مئي حملن جو مقصد فوج تي ڏٻاءُ وجهي آرمي چيف جنرل عاصم منير کي عهدي تان هٽائڻ هو. پارٽي جي موجوده صورتحال جو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

اسلام آباد: سينيٽر سليم مانڊوي والا جي صدارت هيٺ سينيٽ جي نانٽي بابت اسٽينڊنگ ڪميٽي جو اجلاس ٿي رهيو آهي

فاطمہ قرڙو ڪانفرنس جي حوالي سان وومنز ايڪشن فورم جي گڏجاڻي

حيدرآباد (رپورٽر) وومنز ايڪشن فورم جي گڏجاڻي ۾ سڪر آرٽس ڪائونسل ۾ صنفي تشدد تي ٽينڊز جي روڙه فاطمہ قرڙو ڪانفرنس جي حوالي سان پروگرام جا تفصيل بحث هيٺ آندا ويا ۽ ان جا تفصيل ميڊيا ريليز جي صورت ۾ جاري ڪيا ويا. پروگرام جي حوالي سان دعوتن جي حوالي سان تفصيل ڏيندي آمر سنڌر ٻڌايو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ڪو بہ اسان کي جمهوريت جي حفاظت جو سبق نہ سيکاري: جاويد لطيف

مائنس نواز شريف کي ڪجهہ بہ قبول ناهي

چيئرمين کي پي ٽي آءِ ۽ ان جي گروپ سان گالهيون جو سوچڻ بہ نہ گهرجي

اڪاڙہ (مانيٽرنگ ڊيسڪ) مسلم ليگ (ن) جي آڳواڻ جاويد لطيف جو چوڻ آهي تہ پيپلز پارٽي جي قيادت سان جيڪا گالهہ ٻولهہ ٿي ان جي توقع نہ هئي، ڪنهن کي بہ جمهوريت جي حفاظت جو سبق نہ سيکاريو وڃي. اڪاڙہ ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي جاويد لطيف چيو تہ مائنس نواز شريف کي ڪجهہ بہ قبول ناهي. هن چيو تہ چيئرمين کي پي ٽي آءِ ۽ ان جي گروپ سان گالهيون جو سرسڻ بہ نہ گهرجي. هن چيو تہ چونڊن ۾ پنجاب اندر کو بہ اتحاد يا سيٽ ايڈجسٽمينٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21



مسلم ليگ (ن) آڳواڻ جاويد لطيف

پاڪستاني ريٽي جو استحڪام ۽ آمريڪي ڊالر جي بي قدري جاري

ڪاروباري ڏينهن جي شروعات سان ئي آمريڪي ڊالر جي قيمت ۾ گهٽتائي ڏٺي وئي

انٽر بئنڪ ۾ ڊالر هڪ رپيو 7 پئسا سستو ٿي 284 رپين 65 پئسن جو ٿي ويو

ڪراچي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) آمريڪي ڊالر جي پيٽ ۾ پاڪستاني ريٽي جي قدر ۾ واڌ جو سلسلو جاري آهي. ڪاروباري ڏينهن جي شروعات سان ٿي آمريڪي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

پاڪستان ۾ هلندڙ سال پوليو جو ٽيون ڪيس سامهون اچي ويو

هينئر تائين پوليو کان متاثر ٿيندڙ هارن جو انگ 3 ٿي ويو

پوليو کان متاثر ٿئي هار ضلعي بنون جا رهواسي آهن : وفاقي اختيارين

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان ۾ هلندڙ سال پوليو جو ٽيون ڪيس سامهون اچي ويو آهي. وفاقي اختيارين موجب خيبرپختونخوا جي ضلعي بنون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

ڪو بہ اسان کي جمهوريت جي حفاظت جو سبق نہ سيکاري: جاويد لطيف

مائنس نواز شريف کي ڪجهہ بہ قبول ناهي

چيئرمين کي پي ٽي آءِ ۽ ان جي گروپ سان گالهيون جو سوچڻ بہ نہ گهرجي

اڪاڙہ (مانيٽرنگ ڊيسڪ) مسلم ليگ (ن) جي آڳواڻ جاويد لطيف جو چوڻ آهي تہ پيپلز پارٽي جي قيادت سان جيڪا گالهہ ٻولهہ ٿي ان جي توقع نہ هئي، ڪنهن کي بہ جمهوريت جي حفاظت جو سبق نہ سيکاريو وڃي. اڪاڙہ ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي جاويد لطيف چيو تہ مائنس نواز شريف کي ڪجهہ بہ قبول ناهي. هن چيو تہ چيئرمين کي پي ٽي آءِ ۽ ان جي گروپ سان گالهيون جو سوچڻ بہ نہ گهرجي. هن چيو تہ چونڊن ۾ پنجاب اندر کو بہ اتحاد يا سيٽ ايڈجسٽمينٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

مسلم ليگ (ن) آڳواڻ جاويد لطيف

پاڪستان ۾ افغان دهشتگردن جي ملوٽ هجڻ جي تصديق

افغان دهشتگرد ڪاڻي عرصي کان پاڪستان ۾ غيرقانوني سرگرمين ۾ ملوث آهن : سرڪاري ذريعا

ان گالهہ جي تصديق ٿي چڪي آهي تہ ملڪ ۾ دهشتگردي جي نازي واقعن ۾ افغان دهشتگرد ملوث آهن

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) پاڪستان ۾ تازي دهشتگردي ۾ افغان دهشتگردن جي ملوث هجڻ جي تصديق ڪئي وئي آهي. سرڪاري ذريعن موجب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

ڪراچي ۾ غيرقانوني ترسيل 782 افغاني گرفتار

غيرقانوني افغان شهرين خلاف 9 سيپٽمبر کان 3 آڪٽوبر تائين ڪارروائين جا تفصيل جاري

ملير مان 135، ڪورنگي مان 114 ۽ اوير ضلعي مان 204 افغاني گرفتار ڪيا ويا

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ غيرقانوني طور ترسيل افغان شهرين خلاف 9 سيپٽمبر کان 3 آڪٽوبر تائين ڪارروائين جا تفصيل جاري. هڪ مهيني /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

ادارن سياني کي بيوقوف بڻائي رکيو آهي: سنڌ هاءِ ڪورٽ

رات جي اڌاڌاهي ۾ ڪي ايم سي ۽ ڊي ايم سي کي بڻايو ويو : وقتي چيف جسٽس عرفان سعادت

ڊي ايم سي سڌي گورنمينٽ بڻجي وئي آهي، سمورا ادارا ملي ڪري ڪي ڊي اي بڻجي ويا آهن

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ ٻاران ڪراچي جي پبلڪ پارڪس ۽ گرائونڈز ۾ داخلا ۽ پارڪنگ فيس جي اوگاڙي تي ڪاوڙ جو اظهار ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

ڪراچي: ڊائريڪٽر جنرل سنڌ فوڊ اٿارٽي آغا فخر حسين برنس روڊ فوڊ اسٽريٽ جي دوري دوران ٻڌائي رهيا آهن

برنس روڊ فوڊ اسٽريٽ کي ماڊل اسٽريٽ بڻائيو ويندو: آغا فخر حسين

سنڌ فوڊ اٿارٽي برنس روڊ فوڊ اسٽريٽ کي ماڊل فوڊ اسٽريٽ بڻائڻ چاهي ٿي

هن مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ برنس روڊ فوڊ اسٽريٽ تي بن قسمن جا سائي رنگ جا ڏيا رکيا ويندا

ويسٽ مئنيجمينٽ بورڊ جون گاڏيون اهي شيون گڏ ڪنديون انهن شين کي ٻيهر استعمال ڪيو ويندو

ڪراچي (رپورٽر) ڊائريڪٽر جنرل سنڌ فوڊ اٿارٽي آغا فخر حسين برنس روڊ فوڊ اسٽريٽ جو دورو ڪيو ان موقعي تي سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ بورڊ جو مئنيجنگ ڊائريڪٽر امتياز شاهہ پڻ سائيس گڏ هو برنس روڊ فوڊ اسٽريٽ ايسوسيئيشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 32

رتوديرو ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر پاران پٽرول پمپن ۽ منافعي خور دڪاندارن خلاف ڪارروائي

شهر جي مختلف پٽرول پمپن جي وزن ڪري ريٽ ۽ ماپي جي جاچ ڪئي، ماپ پوري نه هجڻ تي سخت ڪاوڙ جو اظهار

اسسٽنٽ ڪمشنر 20 هزار ڏنڊ مقرر ڪري چڏيو ۽ واهپيدارن کي پوري ماپ ڏيڻ جي هدايت ۽ وارننگ پڻ ڏني

مقرر ريٽ لسٽن کان وڌيڪ اگهه ورتو ويو ته انهن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي ويندي : اسسٽنٽ ڪمشنر

نئون ديرو(رپورٽ شاد محمود پٺو) رتوديرو ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر مس ڪائنات شيخ جي نئون ديرو ۾ پٽرول پمپن ۽ منافعي خور دڪاندارن خلاف ڪارروائي، شهر جي مختلف پٽرول پمپن جي وزن ڪري ريٽ ۽ ماپي جي جاچ ڪئي جنهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

نئون ديرو : اسسٽنٽ ڪمشنر دوري دوران چڪاس ڪري رهي آهي

هوسڙي چيڪ پوسٽ

سامهون روڊ حادثو ٻه ڇڻا زخمي ٽي پيا، اسپتال داخل

حيدرآباد(رپورٽ)هوسڙي چيڪ پوسٽ سامهون روڊ حادثو ٽنڈو محمد خان کان ايندڙ تيز رفتار ڪار نيو ڪالوني جي ريهائيشي ٽن ڪراڻين کي روڊ ڪراس ڪندي اڌائي چڏيو هوسڙي پوليس ٻنن کي ميڊيڪل ليٽر ڈائي سول اسپتال حيدرآباد منتقل ڪري چڏيو انهن ٻنن جي حالت گهٽتي جوڳي ٻڌائي پوي رجي ڄڏهن ته هوسڙي پوليس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

تحريڪ انصاف ملڪ جي سڀ کان وڏي سياسي پارٽي آهي : ڊاڪٽر رنواز ڪلوڙ

جبري طور ملڪ جي وڏي سياسي قوت کي ڊاڍ جي زور تي عوام کان پري نه ٿو رکجي سگهي

ملڪ ۾ جمهوري سياسي جمائت کي بلاجواز ڪريش ڪرڻ واري سازش ڪڏهن ب ڪامياب نه ٿيندي

سکر(رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ) پاڪستان تحريڪ انصاف سنڌ جي سينيئر آگواڻ ڊاڪٽر رنواز ڪلوڙ نگران حڪومت کان مطالبو ڪيو آهي ته ٽي آءِ مرد ۽ عورتن آگواڻن ۽ ڪارڪنن کي آزاد ڪري ايلڪشن مهم جي اجازت ڏني رجي اهڙو اظهار/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

نوشهرو فيروز پرسان ڳوٺ پير جعفر شاهه جا ڳوٺا روڊن تي نڪري آيا، احتجاج

بااثرن پوليس ساڻ ڪري اسان جي گهرن ۾ گهڙي چادر چوديواري جو تقدس پائمال ڪندي تشدد ڪيو : مظاهرين

چڙهائي دوران پوليس وارا عورتن مردن کي ڏنڊا هٿي خت زخمي ڪري چڏيو ۽ ٻن ڇڻن کي کڻي ويا آهن

انصاف نه ٿيو ته پاڻ تي پٽرول هاري پاڻ ساڙيندا سين ان جي ڏميوار محمد نواز خشڪ ايس ايڇ او کوسو هوندو

نوشهرو فيروز(رپورٽ منظور ملڪ)نوشهرو فيروز پرسان ڳوٺ پير جعفر شاهه جا ڳوٺا نيشنل پريس ڪلب ٽي اڇي ميڊيا سان ڳالهائيندي حاجي خان چانديو محمد ياسين چانديو، مالهو عبدالرشيد چانديو، صديق چانديو ۽ محب علي چانديو فوجي غلام محمد چانديو رئيس جان محمد چانديو پڌايو ته نوشهرو فيروز پوليس محمدنواز خشڪ ۽ ايس ايڇ او کوسو پوليس ٽالا سان ڪري ڪاله /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

نوشهروفيروز : گوٺاٽا احتجاجي مظاهرو ڪري رهيا آهن

ڏوڪري ۾ آقا محمد مصطفيٰ

۽ امام جعفر صادق عليه

السلام جي ولادت جو جشن

ڏوڪري(رپورٽر) ڏوڪري ۾ آقا محمد مصطفيٰ ۽ امام جعفر صادق عليه السلام جي ولادت باسعادت جي حوالي سان الحسيني مرڪزي امام بارگاهه ڏوڪري مومنين آگواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي ريلي جو شهرين پاران گل جي ورڪا ڪري شاندار استقبال ڪيو ويو ان موقعي تي ريلي ڏوڪري ۾ آقا محمد مصطفيٰ جن جي آمد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

ٽنڈو غلام حيدر پرسان پورهيت کي پراسرار نموني قتل ڪرڻ جو انڪشاف

معاملي کي اتفاق جو رنگ ڏئي خون کي ناحق لوڙهڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي : ذريعا

مال جي واڙي تي بااثر سيٺ پستل جا سڌا فائر ڪري پورهيت سومار ڪولهي کي قتل ڪري چڏيو

پورهيت جو لاش دفنائڻ کان پهرين ئي بااثر ماڻهن مسڪين جي خون کي لوڙهڻ لاءِ سرگرم ٿي ويا

ٽنڈو غلام حيدر(رپورٽ) ٽنڈو غلام حيدر سومرا فارم پرسان پورهيت کي پراسرار نموني قتل ڪرڻ جا ڇٻوپول نوجوان قتل ٿيڻ بعد معاملي کي اتفاق جو رنگ ڏئي خون کي ناحق لوڙهڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي اهم ذريعا ؟ مال جي واڙي تي بااثر سيٺ پستل جا سڌا فائر ڪري جهوپڙي ۾ رهندڙ 16 ورهين جي مسڪين پورهيت سومار پٽ ويرسي ڪولهي کي قتل ڪري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

پيپلز پارٽي جو موقف واضع ۽ چٽو آهي ته اليڪشن وقت ٽيڻ گهرجن : نادر مگسي

هائي ڏسون ته اليڪشن ڪميشن ڪڏهن ٿي بهانا ختم ڪري اليڪشن جو اعلان ڪري ٿي، اسان هر وقت اليڪشن لاءِ تيار آهيون

پيپلز پارٽي پنهنجي دور حڪومت ۾ رڪارڊ ترقياتي ڪم ڪرايا آهن ۽ ايندڙ وقت به پيپلز پارٽي جي حڪومت آهي

اسان سدائين صاف شفاف سياست ڪئي آهي ڪڏهن به خون خرابي ۽ قتل واري سياست جا حمايتي نه رهيا آهيون

شهدادڪوٽ(شاهد اعوان) پيپلز پارٽي جو موقف واضع ۽ چٽو آهي ته اليڪشن وقت ٽيڻ گهرجن، هائي ڏسون ته اليڪشن ڪميشن ڪڏهن ٿي پنهنجا بهانا ختم ڪري اليڪشن جو اعلان ڪري ٿي، اسان هر وقت اليڪشن لاءِ تيار آهيون، پيپلز پارٽي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

شهدادڪوٽ : آگوٽو ايم پي اي نادر مگسي ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

جوهي جي شهر پٽ گل محمد

جي هاءِ اسڪول بنيادي سهولتن کان محروم

سهولتن کان محروم بٽيل

دادو(ن سنڌيار) جوهي جي شهر پٽ گل محمد جي هاءِ اسڪول بنيادي سهولتن کان محروم بٽيل آهي شاگرد تعليم جهڙي زيوز کان وانجهيل شاگردياٽين ۽ شاگردن جو مستقبل داءُ تي لڳل، گرداٽن احسان قمبراڻي ۽ پين دانهيو ته اسان جو علاقو پٺ تي پيل آهي اسان کاڇي واسي خوش نصيب آهيون جو اسان کي USAID/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ٽنڈو محمد خان جي پبلڪ هيلٿ ڪاتي جي ڪانٽريڪٽ تي پرتي ڪيل ملازمن پاران احتجاج جاري

پبلڪ هيلٿ ڪاتي جي ڪانٽريڪٽ تي پرتي ڪيل ملازمن جي 5 مهينن کان پگهارون بند ڪرڻ جي خلاف احتجاجي جلوس ڪڍيو

گذريل 5 مهينن کان پگهارون بند ڪري اسان جو معاشي طور قتل عام ڪيو وڃي پيو، جنهن سبب سخت پريشان آهيون : مظاهرين

مهانگائي جي طوفان جي ڪري پگهارون نه ملڻ سان اسان جا خاندان فاقاڪشيون ڪرڻ تي مجبور آهيون، نوٽيس وٽي واهر ڪئي وڃي

ٽنڈو محمد خان(ڊ ر مظفر علي بروهي) ٽنڈو محمد خان جي پبلڪ هيلٿ ڪاتي جي ڪانٽريڪٽ تي پرتي ڪيل ملازمن جي 5 مهينن کان پگهارون بند هجڻ جي خلاف احتجاجي جلوس ، مظاهرين ڊڻو، خبر موجب ٽنڈو محمد خان جي پبلڪ هيلٿ ڪاتي جي ملازمن جي 5 مهينن کان پگهارون بند ڪرڻ تي ملازمن جي ايڪشن ڪميٽي طرفان غفور ڪڙيجو اختر هاليپوٽو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

دڙي ۾ سنڌ ٽي وي نيٽ ورڪ کي 19 سال مڪمل ٽيڻ تي تقريب

نوشهروفيروز : ديپٽي ڪمشنر اجلاس کي خطاب ڪري رهيو آهي

ٽنڈو محمد خان ۾ شهيد جان محمد مهر جي قتل خلاف احتجاج جاري

قتل واري ڪيس ۾ سکر پوليس جو ڪردار هاڻي مشڪوڪ ٻڌجي ويو آهي : مظاهرين

شهيد جان محمد مهر جا قاتل قانون جي گرفت ۾ نه اچڻ نگران سرڪار جي نااهلي آهي

ٽنڈو محمد خان(ڊ ر مظفر علي بروهي) ٽنڈو محمد خان ۾ سکر جي بهادر شهيد رپورٽر جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ پريس ڪلب جي چيئرمين غلام نبي ڪيريو ، يرنين آف جرنلسٽ حيدرآباد جي آگواڻ رمضان شورو، پريس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

نوشهرو فيروز ۾ ڊپٽي ڪمشنر پاران پوليو خلاف مهم جي حوالي سان دورو

ڊي سي ڪنڊيارو ۽ مورو ۾ واقع ٽرانزٽ پوائنٽ ۽ تعلقي اسپتال ڪنڊيارو جو معائنو ڪيو

پوليو جا ٽڙا پيارڻ کان پوءِ هن تعلقي اسپتال ڪنڊيارو ۾ پوليو خلاف مهم جو پڻ جائزو ورتو

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) نوشهرو فيروز ۾ ڊپٽي ڪمشنر محمد ارسلان سليم ضلعي جي مختلف علاقن جو دورو ڪري پوليو خلاف مهم جي حوالي سان دورو ڪيو هن تعلقي اسپتال ڪنڊيارو ۽ مورو ۾ واقع ٽرانزٽ پوائنٽ ۽ تعلقي اسپتال ڪنڊيارو جو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

نوشهروفيروز : ديپٽي ڪمشنر اجلاس کي خطاب ڪري رهيو آهي

پنوعاقل جي يوسي ڊرب جي وڏي آبادي واري ڳوٺ الاهي بخش منگي ۾ اسڪول 3 سالن کان بند

نياڻين کي بهتر تعليم مهيا ڪرڻ لاءِ ڪروڙين روپين جي لاڳت سان اسڪول جي بلڊنگ ته قائم ڪرڻ باوجود اسڪول بند پيل

اسڪول ۾ بااثر گڏيل ٽن ورهين کان مقرر استادياٽيون غائب رهڻ ڪري اسڪول سدائين بند رهڻ لڳو، انتظاميه کي نوٽيس نه ورتو

ڳوٺ الاهي بخش منگي جي بند پيل گورنمينٽ گرلز پرائمري اسڪول کولرائي ڏنو وڃي : رهواسي

سلطانپور(رپورٽ قربان علي مهر)سلطانپور پرسان پنوعاقل جي يوسي ڊرب جي وڏي آبادي واري ڳوٺ الاهي بخش منگي ۾ قائم گورنمينٽ گرلز پرائمري اسڪول صابقه تڪ جي نمائندن ۽ تعليم ڪاتي اعلي اختيارين جي عدم دلچسپي ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

بوزدار وڏا ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول جو سينيئر هيڊ ماستر ۽ مهينن اندر پيو پيرو بدلي

ٽالپروڙا(رپورٽر) بوزدار وڏا ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول جو سينيئر هيڊ ماستر ۽ مهينن اندر پيو پيرو بدلي. اسڪول ۾ بهتر تعليم جي اميد رکي پرائيويٽ اسڪولن مان پنهنجن ٻارن جا سرٽيفڪيٽ ڪيرائي هاءِ اسڪول ۾ داخل ڪرائيندڙ والدين ۾ مايوسي جي لهر. اسڪول جي چارج ايڇ ايس ٽي حوالي. بدلي ٿيل هيڊ ماستر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

سلطانپور : انتظاميه جي نااهلي سبب اسڪول بند پيل نظر اچي رهيو آهي

نوشهروفيروز پرسان جشن عيد ميلاد النبي صہ ۽ حضرت امام جعفر صادق عہ جو جشن ملهايو ويو

هن وقت امت مسلمه کي تمام گهٽي اتحاد جي ضرورت آهي اسان سڀني کي پاڻ ۾ متحد ٿيڻو پوندو : عالم

اسان نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم ۽ امام جعفر صادق عليه السلام جي سيرت تي عمل ڪرڻ گهرجي

نوشهروفيروز(رپورٽ منظور ملڪ) نوشهروفيروز پرسان ڳوٺ ملا خان مري جي مدرسي نور مصطفيٰ ۾ 17 ربيع الاول آمد با سعادت حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم ۽ حضرت امام جعفر صادق (ع) جي حوالي سان مکاتب پاڪستان جي تعارن سان هاري ۾ نعت ۽ تلاوت جو پروگرام منعقد ڪري جشن ميلاد النبي ملهايو ويو. تقريب کي خطاب ڪندي قاري مولانا/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ٽنڈو محمد خان ۾ پهريون پيرو گورنمينٽ مين پرائمري اسڪول ۾ سائنسي ميلي جي نمائش

جديد سائنسي نمائش جي پورٽريٽ، گلدستن، سائن بوردن ۽ سائنسي اوزارن جو سامان رکي ان جي نمائش ڪرائي وئي

خوجنا معلومات لاءِ مواد کي شامل رکي ان ۾ عملي طور سائنس سان تعلق رکندڙ شعبي جي سامان کي نمائش ۾ شامل ڪيو ويو

اسڪول ۾ شاگرد ۽ شاگردياٽين جي ذهانت جي نشونما لاءِ پڻ ماهوار پروگرام ترتيب ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي : آگواڻ

ٽنڈو محمد خان(ڊ ر مظفر علي بروهي) ٽنڈو محمد خان شهر جي گورنمينٽ پرائمري اسڪول ۾ سائنسي ميلي جي نمائش ، جديد سائنسي سامان جي نمائش ، خبر موجب ٽنڈو محمد خان پهريون پيرو گورنمينٽ مين پرائمري اسڪول ۾ سائنسي ميلي جي نمائش ڏريعي شاگردن ۽ شاگردياٽين پنهنجي قابليت سان ناهيل جديد سائنسي نمائش جي پورٽريٽ، گلدستن سائن بوردن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ڪوٽ غلام محمد

۾ پاڪ فوج سان اظهار

يڪجهتي طور ريلي

ڪوٽ غلام محمد(رپورٽر) ڪوٽ غلام محمد ڪوچ اسٽاب کان پريس ڪلب تائين دفاع پاڪستان زنده آباد موومينٽ ريجن چيئرمن عبدالحميد ڪوسو سول سوسائٽي جي آگواڻي ۾ پريس ڪلب تائين پاڪ فوج سان اظهار يڪجهتي جي حوالي سان ريلي ڪڍي وئي، ريلي جي شروعات ڪلاڪ پاڪ قاري نثار احمد آرائين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ٽنڈو محمد خان : اسڪول ۾ ٽيل سائنسي نمائش جو ڏيک

شهدادڪوٽ پرسان يونين ڪائونسل سان لاڳاپيل سرٽيفڪيٽ مفت ۾ ڏيڻ جو اعلان

برٿ سرٽيفڪيٽ، ميريج سرٽيفڪيٽ، رهائش سرٽيفڪيٽ، فوتي سرٽيفڪيٽ ۽ ٻيا سرٽيفڪيٽ بلڪل مفت ۾ ڏيڻ جو اعلان ڪيو ويو

عوام اسان روٽ ڏئي ڪامياب ڪيو آهي جنهن جي ڪري هن جو هر ممڪن ڪم ڪرڻ اسان جو فرض آهي : چيئرمين شبير احمد مگسي

اسان ڪوشش ۾ آهيون پنهنجي يوسي اندر وقت بہ وقت ترقياتي ڪم ڪرائي پنهنجي يوسي کي خوبصورت بٽايون

شهدادڪوٽ(شاهد اعوان) شهدادڪوٽ يوسي ڪائونسل سان لاڳاپيل سرٽيفڪيٽ مفت ۾ ڏيڻ جو چيئرمين شبير احمد مگسي پاران برٿ سرٽيفڪيٽ، ميريج سرٽيفڪيٽ، رهائش سرٽيفڪيٽ، فوتي سرٽيفڪيٽ ۽ يونين ڪائونسل ڪيڙ جي چيئرمين شبير احمد مگسي پاران يونين ڪائونسل جي عوام جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ڊپٽي ڪمشنر بدين پاران تعلقا سول اسپتال ماتلي ۾ ٻين آفيسن جو دورو

تعلقا اسپتال ماتلي ۾ ايم ايس ڊاڪٽر گلاب ڪشميري جون خدمتون قابل تعريف آهن : ڊپٽي ڪمشنر

محدود وسائل جي هوندي بہ هو ماتلي وارن کي صحت جون مڪمل سهولتون ڏيڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي

هر هار کي پوليو کان بچاءُ جا قطرا لازمي پيارا وڃن ان سان گڏ هار جي آڳر تي مارڪر جو ڇٽو نشان لڳايو وڃي

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) ڊپٽي ڪمشنر بدين عبدالفتاح هليو تعلقا سول اسپتال ماتلي، ماتلي آئيس جوا وچتر دورو ڪيو ان موقعي تي آر ايڇ سي ٽنڈو غلام علي ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر ماتلي ڊاڪٽر گلاب ڪشميري جون خدمتون قابل تعريف آهن : ڊپٽي ڪمشنر بدين جيڪو تعلقا اسپتال ماتلي ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ملياڻي پرسان صحت ڪاتي جي ملازم

جي گهر ۾ ڏاڙ، جوابدار لکين روپيا روڪ

رقم ۽ سونا زيور قرڪي فرار ٿي ويا

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ)ملياڻي پرسان ڳوٺ رحيم مشوري ۾ صحت ڪاتي جي ملازم جي گهر ۾ ڏاڙو جوابدار لکين روپيا روڪ رقم ۽ سونا زيور قرڪي فرار ٿي ويا ڳوٺ رحيم مشوري ۾ صحت ڪاتي جي ملازم نورالدين مشوري جي گهر ۾ ٽن ڪن مٿي نامعلوم قورن داخل ٿي هٿياربن جي زور تي گهر ياتين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

بدين : ڊپٽي ڪمشنر تعلقا اسپتال ماتلي جو دورو ڪري رهيو آهي

ڪنٽينجنسي پلان تيار ڪري عوام جي مسئلن جي حل لاءِ مدد فراهم ڪئي وڃي : ڪمشنر ميرپورخاص

عملدار موجود سمورن انتظامن ۽ وسيلن کي ڪتب آڻي ايمرجنسي واري صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ حڪمت عملي اختيار ڪن

يقيني بٽايو وڃي ته جيئن متاثر ماڻهن جون مشڪلاتون گهٽجي سگهن. درپيش سمورا مسئلا فوري طور حل ڪيا وڃن

ميرپورخاص(رپورٽر) ڊپٽي ڪمشنر ميرپورخاص ڊاڪٽر راشد مسعود خان سمورن لاڳاپيل ڪاتن جي آفيسرن کي هدايت ڪئي آهي ته ڪنهن به هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ آگواڻ انتظار ڪيا وڃن ۽ ڪنٽينجنسي پلان تيار ڪري عوام جي مسئلن جي حل لاءِ مدد فراهم ڪئي وڃي. آگواڻ بندوبست ممڪن. اهڙن خيالن جو اظهار هن درگاهه هال ۾ ضلعي ڊزاسٽر مئنيجمينٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ايندڙ اليڪشن ۾ سنڌ هاري ڪاميٽي پرپور حصو وٺندي : ثمر حيدر جتوئي

اسان ماضيءَ ۾ بہ باباءِ سنڌ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ جاگيردارن ۽ سرمائيدارن سان مقابلو ڪيو

ڪرپشن ڪري محل ماڙيون ناهيا آهن ۽ سنڌ جي عوام کي بک بدحاليءَ ۽ فاقا ڪشيءَ تي مجبور ڪيو ويو آهي

سنڌ جي عوام کي هاڻي سوچڻو پوندو ته هنن 75 سالن ۾ جيڪو عوام جو پئسو لٽيو ۽ ڦريو آهي

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) سنڌ هاري ڪاميٽي، جي مرڪزي صدر ثمر حيدر جتوئي پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته ايندڙ اليڪشن ۾ سنڌ هاري ڪاميٽي پرپور حصو وٺندي، ۽ سنڌ جي وڏيرن، جاگيردارن، پيرن ۽ پوتارن سان سچي سنڌ ۾ مقابلو ڪندي. ماضيءَ ۾ بہ باباءِ سنڌ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ جاگيردارن ۽ سرمائيدارن سان مقابلو ڪيو ملڪ ۾ 75 سالن کان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

استحڪام ڪمشنر ڪيرو پاران واٽر سپلائي اسڪيم جو دورو، عوامي سهولتن جي فراهمي

جي سلسلي ۾ ڪوتاهي برداشت نه ڪبي : اي سي

سانگهڙ (رپورٽر) سانگهڙ جي ڊپٽي ڪمشنر ڊاڪٽر عمران الحسن خواجا جي هدايت تي اسسٹنٽ ڪمشنر ڪيرو الطاف منگي محمد بخش ڪنبر ڳوٺ جي واٽر سپلائي اسڪيم جو دورو ڪيو ۽ واٽر سپلائي اسڪيم ڪي وڌيڪ فعال بڻائڻ جي هدايت ڏني آهي. اسسٹنٽ ڪمشنر ڪيرو الطاف منگي ڇيو ته عوام ڪي پيئڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

دادو : ڪامريڊ ثمر حيدر جتوئي ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

ٽنڈو ياگو پرسان ڳوٺن پاران برساتي پاڻي نيڪال نه ٿيڻ پوليو مهم جو بائيڪاٽ جاري

پوليو جو بائيڪاٽ ڪندڙ ڳوٺن ۾ خليفو هاشر لغاري، خليفو احمد خان لغاري، خليفو محمد خان لغاري، ڪيتو ريپاري ۽ ٻيا شامل

جيستائين ڳوٺن مان پاڻي نه ڪڍرايو ويندو تيستائين بائيڪاٽ جاري رهندو، ڪيربہ اسان جي واهر ڪرڻ وارو ناهي : ڳوٺاٽا

برسات جو پاڻي اسان جي ڳوٺن مان نيڪال نه ڪرائڻ سبب سڀني ڳوٺن ۾ گيسٽرو ۽ جمڙي جون بيمارين پيدا ٿي ويون آهن

ٽنڈو ياگو (رپورٽ: سهيل سمون) ٽنڈو ياگو پرسان ڇهن ڳوٺن جي ڳوٺاٽن پاران سندن ڳوٺن مان برساتي پاڻي نيڪال نه ٿيڻ ڪري اڄ ٻڌي ڏينهن بہ پوليو مهم جو بائيڪاٽ، پوليو جو بائيڪاٽ ڪندڙ ڳوٺن ۾ خليفو هاشر لغاري، خليفو احمد خان لغاري، خليفو محمد خان لغاري، ڪيتو ريپاري، جڳسي ڪولهي، سرمجي ڪولهي، فتح محمد لغاري شامل آهن. مختيارڪار ٽنڈو ياگو شوڪت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

ٽنڈو مستي : جشن عيد ميلاد النبي صہ جي تقريب جو ڏيک

ٽرپارڪر ۾ پوليو مهم جو ڪم بهتر هلي رهيو آهي : ڊپٽي ڪمشنر

ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر سميت ضلعي جا سمورا اسسٽنٽ ڪمشنر ڪري رهيا آهن

پوليو مهر دوران ڪوتاهي برداشت نه ڪئي ويندي، انتظاميا قومي ڪاز ۾ گڏ آهي

مني(پ ر)ٽرپارڪر ۾ پوليو مهر جو ڪر بهتر هلي رهيو آهي، پوليو مهر دوران ڪاب ڪوتاهي برداشت نه ڪئي ويندي ڊپٽي ڪمشنر ٽرپارڪر ڊپٽي ڪمشنر ٽرپارڪر عبدالحليم جاگيراڻي صحت ڪاتي جي آفيسرن سان پوليو مهر جي روزانه/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

بدين پرسان ٻن موٽر سائيڪلن ۾ ٽڪر هڪ نوجوان فوت، هڪ زخمي

سيرائي ڪان ايندڙ ۽ بدين ڪان سيرائي ويندڙ موٽر سائيڪل آمهون سامهون ٽڪرائجي ويا

موٽر سائيڪلن تي سوار عبدالرحيم شيخ ۽ بابو بوهڙ سخت زخمي ٿي پيا، هڪ فوت ٿي ويو

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بدين شهر جي پرسان سيرائي روڊ تي ڳوٺ ڪسيرو خاصخيلي وٽ سيرائي ڪان ايندڙ ۽ بدين ڪان سيرائي ويندڙ موٽر سائيڪل آمهون سامهون ٽڪرائجي ويا جنهن جي نتيجي ۾ موٽر سائيڪلن تي سوار عبدالرحيم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

ٽنڈو مستي ۾ عظيم الشان عيد ميلاد نبي ﷺ جي شاندار تقريب

عالم ۽ فاضل علام مولانا صوفي محمد رفيق سڪندري آف ٽلو ياٻو خصوصي خطاب پڙ فرمايو

نبي ڪريم ﷺ جي ميلاد جي محفل منعقد ڪرائڻ وڏي خوشي جي ڳالهه آهي : عالم

ٽنڈو مستي(رپورٽر) ٽنڈو مستي پرسان ڳوٺ منجهون خان چانديو ۾ عظيم الشان عيد ميلاد نبي جي شاندار تقريب محفل منعقد ڪئي وئي. جنهن ۾ عالم ۽ فاضل علام مولانا صوفي محمد رفيق سڪندري آف ٽلو ياٻو خصوصي خطاب/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ٽنڈو مستي : جشن عيد ميلاد النبي صہ جي تقريب جو ڏيک

پيغام رسالت ۽ سيرت کي سمجهڻ جي ضرورت آهي : محمد رضوان قادري

امت جي هر فرد کي ضرورت آهي ته نبي ڪريم صہ جي زندگيءَ جو ان نقطہ نگاهہ سان مطالعو ڪري

اسلام جي آفاقي پيغام ۽ نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جي تعليمات کي عام ڪرڻ لاءِ سرگرم آهيون

سکر(رپورٽر) جماعت اصلاح المسلمين ضلعي سکر پاران اهل محلہ جي سهڪار سان ميلاد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم ۽ مراقبي جي محفل منعقد ڪئي وئي. جنهن جي صدارت صوفاڻي پريس سيڪريٽري ڊاڪٽر سعيد اعوان، خليفي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

سکر : جشن عيد ميلاد النبي صہ جي تقريب جو ڏيک

ڏوڪري ۾ آقا محمد مصطفيٰ ۽ امام جعفر صادق عليه السلام جي ولادت جو جشن ملهايو ويو

هن وقت امت مسلمه کي تمام گهٽي اتحاد جي ضرورت آهي اسان سڀني کي پاڻ ۾ متحد ٿيڻو پوندو : عالم

اسان نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم ۽ امام جعفر صادق عليه السلام جي سيرت تي عمل ڪرڻ گهرجي

ڏوڪري(رپورٽر) ڏوڪري ۾ آقا محمد مصطفيٰ ۽ امام جعفر صادق عليه السلام جي ولادت باسعادت جي حوالي سان الحسيني مرڪزي امام بارگاهه ڏوڪري مومنين آگواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي ريلي جو شهرين پاران گل جي ورڪا ڪري شاندار استقبال ڪيو ويو ان موقعي تي ريلي ڏوڪري ۾ آقا محمد مصطفيٰ جن جي آمد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

ڊپٽي ڪمشنر بدين پاران تعلقا سول اسپتال ماتلي ۾ ٻين آفيسن جو دورو

تعلقا اسپتال ماتلي ۾ ايم ايس ڊاڪٽر گلاب ڪشميري جون خدمتون قابل تعريف آهن : ڊپٽي ڪمشنر

محدود وسائل جي هوندي بہ هو ماتلي وارن کي صحت جون مڪمل سهولتون ڏيڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي

هر هار کي پوليو کان بچاءُ جا قطرا لازمي پيارا وجن ان سان گڏ هار جي آڳر تي مارڪر جو ڇٽو نشان لڳايو وڃي

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) ڊپٽي ڪمشنر بدين عبدالفتاح هليو تعلقا سول اسپتال ماتلي، ماتلي آئيس جوا وچتر دورو ڪيو ان موقعي تي آر ايڇ سي ٽنڈو غلام علي ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر ماتلي ڊاڪٽر گلاب ڪشميري جون خدمتون قابل تعريف آهن : ڊپٽي ڪمشنر بدين جيڪو تعلقا اسپتال ماتلي ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

بدين : ڊپٽي ڪمشنر تعلقا اسپتال ماتلي جو دورو ڪري رهيو آهي

ڪنٽينجنسي پلان تيار ڪري عوام جي مسئلن جي حل لاءِ مدد فراهم ڪئي وڃي : ڪمشنر ميرپورخاص

عملدار موجود سمورن انتظامن ۽ وسيلن کي ڪتب آڻي ايمرجنسي واري صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ حڪمت عملي اختيار ڪن

يقيني بٽايو وڃي ته جيئن متاثر ماڻهن جون مشڪلاتون گهٽجي سگهن. درپيش سمورا مسئلا فوري طور حل ڪيا وڃن

ميرپورخاص(رپورٽر) ڊپٽي ڪمشنر ميرپورخاص ڊاڪٽر راشد مسعود خان سمورن لاڳاپيل ڪاتن جي آفيسرن کي هدايت ڪئي آهي ته ڪنهن به هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ آگواڻ انتظار ڪيا وڃن ۽ ڪنٽينجنسي پلان تيار ڪري عوام جي مسئلن جي حل لاءِ مدد فراهم ڪئي وڃي. آگواڻ بندوبست ممڪن. اهڙن خيالن جو اظهار هن درگاهه هال ۾ ضلعي ڊزاسٽر مئنيجمينٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ايندڙ اليڪشن ۾ سنڌ هاري ڪاميٽي پرپور حصو وٺندي : ثمر حيدر جتوئي

اسان ماضيءَ ۾ بہ باباءِ سنڌ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ جاگيردارن ۽ سرمائيدارن سان مقابلو ڪيو

ڪرپشن ڪري محل ماڙيون ناهيا آهن ۽ سنڌ جي عوام کي بک بدحاليءَ ۽ فاقا ڪشيءَ تي مجبور ڪيو ويو آهي

سنڌ جي عوام کي هاڻي سوچڻو پوندو ته هنن 75 سالن ۾ جيڪو عوام جو پئسو لٽيو ۽ ڦريو آهي

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) سنڌ هاري ڪاميٽي، جي مرڪزي صدر ثمر حيدر جتوئي پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته ايندڙ اليڪشن ۾ سنڌ هاري ڪاميٽي پرپور حصو وٺندي، ۽ سنڌ جي وڏيرن، جاگيردارن، پيرن ۽ پوتارن سان سچي سنڌ ۾ مقابلو ڪندي. ماضيءَ ۾ بہ باباءِ سنڌ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ جاگيردارن ۽ سرمائيدارن سان مقابلو ڪيو ملڪ ۾ 75 سالن کان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

دادو : ڪامريڊ ثمر حيدر جتوئي ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

استحڪام ڪمشنر ڪيرو پاران واٽر سپلائي اسڪيم جو دورو، عوامي سهولتن جي فراهمي

جي سلسلي ۾ ڪوتاهي برداشت نه ڪبي : اي سي

سانگهڙ (رپورٽر) سانگهڙ جي ڊپٽي ڪمشنر ڊاڪٽر عمران الحسن خواجا جي هدايت تي اسسٹنٽ ڪمشنر ڪيرو الطاف منگي محمد بخش ڪنبر ڳوٺ جي واٽر سپلائي اسڪيم جو دورو ڪيو ۽ واٽر سپلائي اسڪيم ڪي وڌيڪ فعال بڻائڻ جي هدايت ڏني آهي. اسسٹنٽ ڪمشنر ڪيرو الطا

روزاني
سنڌيار
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
ايڈيٽر: اعجاز مهر

خميس 05 آڪٽوبر 2023ع

سنڌ کي پوتارکي آڪٽوپس مان نجات ڏيارڻ وڄي!

قديم دور ۾ نام نهاد سردارن کي پنج هزاري يا ڏهه هزاري منصب عطا ڪيا ويندا هئا، انهن کي سزا ڏيڻ جو به اختيار هوندو هو، انهن جا پنهنجا جيل هوندا هئا، اهي ڪُل مختيار ٻڌيل هوندا هئا. ڇا جا اصول، ڪهڙا قدر ۽ ڪهڙو قانون؟ دنيا تڪڙيون ٻرانگهون پري گهڻو اڳتي نڪري وڃي آهي پر سنڌ اڃان به ان قديم ۽ ديقيانوسي دور ۾ زنده آهي، جتي نام نهاد سردارن سڄي سماج کي يرغمال بڻائي ورتو آهي. انتظامي عملدار ۽ پوليس به انهن جي مرضيءَ سان مقرر ٿئي ٿي، جنهنڪري اهي پنهنجو جبر ۽ ڏيڍبو قائم رکيو اڇن اقتدار ۽ اختيار جي اعليٰ ايوانن ۾ ويٺلن طرفان جرڳائين جي حمايت ۽ سهولتڪاري ۾ هڪ اهم مسئلو آهي، جنهن ڪري ٿي انهن جي رعب ۽ ڏيڍبي، جاهه ۽ جلال جو جهان سلامت آهي.

اسان پلي پاڻ کي قوم سڏرايون پر اسان اڃان تائين قبيلائي اُٽ مان نڪري نه سگهيا آهيون. جرڳائي پوتارکي آڪٽوپس سجي سماج کي وکوڙي چڏيو آهي. انهن مان اڪثريت اهڙي آهي، جيڪي ڏوهن جي سرپرستي ڪن ٿا، ڏوهه هنن جي معيشت ٻڌيل آهي. توڙي جو جرڳن تي عدالتي پابندي آهي، 2004ع ۾ پر سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر بينچ طرفان جرڳن تي بندش وڌي وئي هئي پر گذريل ٻن ڏهاڪن کان انهن عدالتي حڪمن جي پڇڪڙي جاري آهي. جرڳن جي قانوني حيثيت ڪهڙي آهي، اهو عدالتي حڪم ئي نٿو ڏيڻ. جرڳن جي ڪارڪردگي ۽ مختلف رشتن ۽ مختلف شعبن جا ڏهاڙا ملهائڻ جو سلسلو شروع ٿي ، هاڻي معمول موجب هڪ روايت بڻجي چڪو آهي. دنيا ۾ انهن رشتن يا شعبن جي عظمت ۽ اهميت کي اجاگر ڪري ، مان ، مرتبو ۽ مجتا ڏيڻ آهي.

استادن جي عالمي ڏهاڙي ملهائڻ جي شروعات يونيسڪو پاران 05 آڪٽوبر 1994 کان ڪئي وئي ، جيئن سماج ۾ استاد محنت ، ڏاهپ ۽ علم جي ڪري آيل خوشحالي ، پائيدار تعميري ترقي ، سهڻن سوچن ، خوبصورت خيالن ، نظرين ۽ لاڙن سان ، مسلسل جي معمارن کي علم و فضيلت سيکارڻ ، سماجي قدر پيدا ڪرڻ ۽ قابليت مرجب ڏمهوار شهري بنائڻ لاءِ مضبوط بنياد مهيا ڪرڻ ۾ ڪيس سان ادب ، محبت ۽ عزت سان خراج عقيدت پيش ڪرڻ آهي.

ردو آڇگ ۾ شان استاد جو
رکو مرتبو مان استاد جو
جهالت جي بس پاڙ پٽجي وڃي
اهو آهي ارمان استاد جو.

اها هڪ حقيقت آهي ته اسلام هڪ ڪائناتي دين آهي ، اسلام 1400 سؤ سال اڳ ۾ انهن سڀني رشتن تروڙي شعبن جي اهميت ، عزت ، وقار ۽ تقدس کي بيان ڪيو آهي ، جنهن جا " ڏهاڙا " ملهائڻ دنيا هاڻي شروع ڪيا آهن.

اسان جي پياري نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو ته.

"مون کي استاد بڻائي موڪليو ويو آهي " . ان مان استاد جي پيشي جي عظمت . عزت ۽ اهميت واضح ٿي چڪي آهي ته . استادي پيشو " نبين " جو پيشو آهي.

جڏهن نور تان بردر ڪجيو. نروار استاد ٿيو
عظمتن جي عظمتن جوسهڻو سردار استاد ٿيو
استادن سان ٿي ته دنيا جا اڃالا قائم آهن
جنت جي باغن جو پهريون حقدار استاد ٿيو

اسلامي پيشو پيغمبراڻ پيشو آهي تنهنڪري ان اعلي ۽ مقدس پيشي جي شان ، مان ۽ تقدس کي بحال رکڻ ، سڀني مانوارن استادن لاءِ ٻيحد اهم ۽ لازمي آهي. استاد جي مثالي شخصيت ، ڪر ، ڪردار ، روپ ، لهجا ، آواز ۽ انداز ۽ درس و تدريس ۾ اثراٿتا ، مؤثر ، نمايان ، عزت پريا ، شفقت پريا مطلب روحاني والدين جهڙا ، دل کي رلٽندڙ ، پائيندڙ ۽ چهندڙ ۽ نتيجه ڏيندڙ هجڻ ڪهڙن ، سڀني استادن کي ، پنهنجو پاڻ کي ، ان پيماني ۽ ماپڻ ، پرکڻ ۽ جاچڻ ۽ ضرور ڪهرجي

استاد بخاري جيئن علم ۽ قلم جي پيار ۽ تعلق کي بيان ڪيو آهي.

لکڻ زندگي ، زندگي ڪيئن ڇڏجي
لکڻ بندگي ، بندگي ڪيئن ڇڏجي
ڏکئي کان ڏکيو عشق آ اکرن جو
رکي دوستي ، دوستي ڪيئن ڇڏجي.

اها مڃيل حقيقت آهي ته استاد معاشري جو سنوارينڌڙ ۽ سينگاريندڙ آهي. استاد ئي هميشه شعور ، جاگرتا ۽ سجاڳيءَ جو سماجي هيرو ۽ رهنما رهيو آهي . هن جيون جي ڪاميابي جي ڄاڻ ۽ بيحد ڪوشيندڙ رهيو آهي.

سائبڏ سيڪريٽري تعليم اڪبر لغاري صاحب جي ايام ڪاري ۾ استادن جون ترقيون ته تمام گهڻيون ٿيون آهن. اڪبر لغاري صاحب جي انهن عملي قدمن سان سنڌ جي استادن ۾ سرهائي ٿي آهي ، جيڪو سلسلو تيزي سان جاري رهڻ ۾ گهرجي.

سنڌ حڪومت پروفيشنل ڊگري جي اهميت کانسواءِ ، آءِ بي اي ڊريعي استادن جي مقرري لاءِ ٽيسٽ ولي ميرٽ تي

بي ايس ٽي ۽

جي اي ايس ٽي مقرر ڪري رهي آهي جنهن ۾ اڪثر انجنيئرنگ پاس اميدوار استاد ٿيڻ جو اعزاز مائيندڙ سيني استادن ۽ استادياڻين جي هن عالمي ڏهاڙي تي ترقيون مائيندڙ سيني استادن ۽ ميرٽ تي مقرر ٿيل سيني استادن تروڙي سينيئر استادن کي محنتن ۽ ادب سان واڌايون ۽ انگڻيون مبارڪون ۽ دعائون ته تعليمي ترقي لاءِ پنهنجون سڀ صلاحيتون اڻيي ۽ سڀ وسيلا ڪتب آڻي تعليمو تربيت کي يقيني بڻائي هڪ سونهري تاريخ رقم ڪري سڀاڻا ۽ سرخرو ٿيندا.

معياري تعليم ڪانسواءِ ترقي ناممڪن آهي. تعليم سونهن ۽ سينا آهي. تعليم جوخاتمو. ماڻهو جو انت آهي. تعليم ئي ڄياڻ ۽ ڄاڻ آهي. اسان سڀني ڏرين کي پنهنجي جياڻپ ۽ بقا جي جنگ جوٽڻي پوندي ته ته اسين دنيا کان ڪيترين ٿي صديون پوئتي هليا ويندا سين. ان لاءِ استادن تي اعتماد ضروري آهي. وقت حڪومت صورتحال کي سمجهي استاد جيڪڏهن ڪر ۽ شاندار خدمتون سرانجام ڏي ته سنڌس پروفيشنل ڪر تي ان سان ماٹيلي ماءُ وارو سلوڪ ڪيو پيو وڃي.

استادن جو ڪر استادن کي ڪرڻ ڏنو وڃي. استاد هر قومي ڪر ۽ امر ڪردار ادا ڪري رهيو آهي.

نوان پرتي ٽيل استاد قابل آهن پر پڙهائڻ جون مهارتون سيکارڻ جي ضرورت ، ضرور محسوس ٿي رهي آهي . پڙهائڻ هڪ آرٽ آهي ،هڪ آرٽ سان ، استاد جو تخليقي ۽ ڏهني طور "سرگرمين جي بنياد تي سيکارڻ"

لاءِ ڏهني طور آسوده هجڻ تمام ضروري آهي . اهڙين سرگرمين جي نتيجي ۾ تعليمي ادارا پارن لاءِ پرڪشش ۽ لاڀائنا ٿي سگهندا. هڪ شفيق ۽ سلي استاد جو ڪر ٿي اهو آهي ، جو شاگردن جي ڏهني آبياري ڪري . علمي عملي ۽ فڪري پرک ڪري . سندن ڪٽريئر ڪائونسلنگ سان رهنمائي ڪري . سندن پروفيشنل چونڊ توڙي پين فيصلن لاءِ "چونڊ " راه ۽ رستا اڇيان ڪري . نون استادن جي ميرٽ موجب مقررين کي ڏسي اهو چٽي سگهجي ٿو ته تعليم جي شعبي ۾ نوان خيال ، نوان لاڙا ، تحقيق ۽ نوان رجحان سامهون آيا آهن. هاڻي سنڌي سماج جون اميدون آهن ته . نوان استاد ، توڙي سينيئر استاد ، سائنس ، رياضي ، انگلش ۽ پين اهم مضمونن ۾ شاگردن جي صلاحيتن ۽ قابليتن ۾ يقيني طور واڌارو آڻي رهيا آهن. ماضي ۾ وسيلن جي ڪوٽ سان گڏ ڪمين ۽ ڪوتاهين جو واڙالو ڪندا. ادارن کي شاهندا ۽ آباد ڪندا

ترقيون مائيندڙ استاد ، هاڻي تعليمي عملدار / آفيسر تعليمي صورتحال کان بخوبي (چگي ۽ طرح) واقف آهن . قومي اميد آهي ته سازگار علمي ، تعليمي ۽ تخليقي ماحول جوڙي تعليمي ادارن کي آباد ڪندا.

حڪومت کي به سنجيدگي ۽ نيڪ نيتي سان تعليمي ترقي تي تحقيق جي بنياد تي قدر ڪئي گهرجن . اسڪول ۽ تعليمي ادارا بند ڪرڻ جي بجاءِ ، وڌندڙ آبادي ۽ ضرورتن جي بڻاندڙ وڌيڪ ڪولڻ جي اشد ضرورت آهي . وقت سان ضرورتون وڌنديون آهن ۽ وڌيڪ اسڪول ۽ ادارا ڪولڻ ضروريون ٻڌڻجي پونديون آهن.

سنڌ جي عظيم شاعر جون هي خوبصورت سٽون اڪيون ڪولڻ لاءِ ڪافي آهن ، جن ۾ پارن کي اڃٽ ۽ دلجاءِ ڏيندي چوي ٿو.

جيڪي تو کي جاهل رکندا
ڪنڊ پوءِ اهي ڪهڙو ڪٽندا
ڳوٺ ڳوٺ اسڪول ٻ ٺهندا
علم ته آهي تنهنجي دولت
تنهنجي دولت ، قوم جي دولت

